الهوسايو سومرو

# ’رسالو سلوڪ جو‘: حافظ محمد صديق ڀرچونڊي جي رسالي سلوڪ جو فڪري ۽ فني اڀياس


## *Abstract:*

*Hazrat Hafiz Muhammad Siddique (1234-1308Hijra) was born in Bharchundi Sharif. His father Mian Mohammad Malook died in his childhood, so his mother took all the responsibilities. He was sent to various places like Village Jindo Mari, Sui Sharif and Pat Sharif, where he received the education of Quran, Sunnah, Tafseer, Hadees, Fiqah, Sarf wa Nahw, Arabic and Persian etc. After some years of death of his spiritual Murshad Syed Mohammad Hassan Shah Jeelani of Sui Sharif, he founded his own Khanqah Bharchundi Sharif in 1287 Hijra/1872 A.D. He belonged to the Silsilah Qadria, Naqashbandia and Rashidia. His Murshad was the main Caliph/ Khalifa (spiritual) of Syed Mohammad Rashid of Pir Jo Goth, district Khairpur.*

*Hazrat Hafiz Sb has not only a great spritiual saint but also a great poet and a social reformer. He followed the teachings of Quran and Sunnah and also taught to others to live according to the teaching of Islam. He taught the good ways of life to his followers. Every time a large number of people would gathered in his spiritual meetings. He used to listen to Sufiana and Aarfana kalams of well-known poets and some time read his own poetry. Great Sufis and poets of that time used to come to him to attend his spiritual and literary meetings such as Sufi Darya Khan, Khush Khair Mohammad Hesbani and Ghulam Hyder Shar etc. Moulana Ghulam Mohammad Dinpuri, Moulana Amroti, Moulana Ubedullah Sindhi and Moulana Ahmed sain are some of his wel known caliphs, Kanzal umat, Khalifas (spiritual) poet and personalities. He composed and wrote three books: 1. Malfoozat Sharif, 2. Chahal Hadees and 3. Risalo Salook Jo.*

*‘Risalo Slaook Jo’ (his poetry collection) came into appearance first time in 1980 and was published in 2004 from Hafizul Millat Academy Khanqah Bharchundi Shairf.*

*Mir Hissan-ul-Hyderi has written its Muqadma and explained its verses. There are about 259 verses in it. About 13 of them belong to other poets, like Persian poets Moulana Jami, Hafiz Sheerazi, Ameer Khusro, Sindhi Poets Shah Abdul Kareem and Shah Abdul Latif and Hindi poets Bhagat Kabeer. His verses show the reflection of Islamic Tasawaf and also he had described all the ways of Zikir Azkar of Qadri Tareeqa. Its language, phrases and dictation is about two centuries old.*


**سنڌ** جي سرزمين کي ’باب الاسلام‘ جو شرف ۽ رتبو حاصل آهي ۽ هن ڌرتيءَ هميشه اهڙين عظيم شخصيتن کي جنم پئي ڏنو آهي، جن پنهنجي پوري حياتي





عام توڙي خاص جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. نه رڳو ايترو، پر سندن قسمتون ۽ تقديرون به بدلائي ڇڏيون. ڪيترا شخص جاهل مان عالم، غافل مان سجاڳ، ڊڄڻ مان بهادر، سنگدل مان نرم دل، بدڪار مان نيڪو ڪار، بدمعاش مان شريف بڻجي پيا. سنڌ جي چَپي چپي تي اهڙن الله جي پيارن ٻانَهن جا آستانا اڄ به موجود آهن، جيڪي اجا تائين مٿين ڳالهين جو ثبوت فراهم ڪن ٿا. انهن درويشن ۽ اوليائن مان حافظ محمد صديق ڀرچونڊي شريف وارو به هڪ آهي. ”سندن جنم سال 1234ھ/1819ع ۾ ٿيو.“(1)

سندن ولادت کان جلد پوءِ سندن والد ميان محمد ملوڪ رحلت ڪري چڪو هو، تنهن ڪري سندن تعليم تربيت جا سمورا فرض سندن والده سرانجام ڏنا. پاڻ حصول تعليم جي سلسلي ۾ محمد موسيٰ ڀُٽي صاحب وٽ ويا ۽ گڏوگڏ ڳوٺ جندو ماڙي (لڳ سنجرپور، صادق آباد، ضلعو رحيم يار خان، راجن پور، پاٽ شريف ۽ سوئي شريف ويا، جتي قرآن مجيد حفظ ڪرڻ سان گڏ، عربي، فارسي، حديث، فقه ۽ صرف و نحو جي تعليم حاصل ڪيائون.

پاڻ درگاه سوئي شريف جي باني سيد محمد حسن شاه جيلاني کان نه رڳو ديني تعليم حاصل ڪيائون، پر اُتان خلافت جو خرقو به حاصل ڪيائون. سيد محمد شاه جيلاني، پير ڳوٺ درگاه جي باني سيد محمد راشد روضي ڌڻي جو خاص خليفو هو.

حافظ محمد صديق پنهنجي مرشد سيد محمد حسن شاه جيلاني جي وصال کان ڪجھ سال پوءِ، ”سال 1287ھ/1872ع ۾ خانقاه ڀرچونڊي شريف جو بنياد رکيو.“(2) جڏهن ته ’عبادالرحمان‘ جو مصنف تاريخ مختلف ڄاڻائي ٿو. هن جي لکڻي موجب: ”خانقاه ڀرچونڊي شريف جي قيام جي تاريخ اندازي مطابق 58-1257ھ آهي.“(3)

خانقاه ڀرچونڊي شريف، ڏهرڪي شهر جي اُتر طرف لڳ ڀڳ ساڍن ٽن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي قومي شاهراه جي اُترئين طرف واقع آهي.

حافظ محمد صديق خانقاه ڀرچونڊي شريف کي هميشه لاءِ پنهنجو مسڪن بڻائي، اُتي مسجد ۽ مدرسي جي تعمير ڪرائي ۽ هن ننڍڙي ڳوٺ بلڪ پوري علائقي جي تقدير بدلائي ڇڏي.

ٿوري ئي وقت ۾ سندس فيض، برڪت ۽ ڪرامت جو چوٻول پري پري تائين پکڙجي ويو ۽ چئني طرفن کان حق ۽ سچ جي راه جا طالبُ سالڪ ڀرچونڊيءَ پهچڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شروع ٿيا. ديني ۽ روحاني منزلون ماڻ لاءِ نہ رڳو سنڌ پر سنڌ کان ٻاهر جا ماڻهو بہ وٽن پهچڻ لڳا. عبدالواحد انيڙ مطابق: ”پرچوندي شريف جي گلشن علم و حڪمت ۽ مڪتب فڪر و نظر جي روشنيءَ جا ڪِرڻا سرزمين حجاز، افغانستان، ايران، ترڪي ۽ مصر کان ٿيندي وچي ماسڪو، جپان ۽ يورپ تائين پهتا.“(4)

حافظ محمد صديق تصوف جي فڪر وحدت الوجود جو پيروڪار هو ۽ پاڻ اسلامي شريعت ۽ سنت نبويﷺ، اصحابہ ڪرام، اولياء ڪرام ۽ سلف صالحين جي حيات مطهره جي روشنيءَ ۾ زندگي گذارڻ جي تعليم عام ڪيائون. پاڻ پنهنجي فيض جي نظر سان اهڙا تہ پارس پيدا ڪيائون، جن گهڻن کي سچي سون ڪيو ۽ اڄ بہ سندن درگاهون روحاني فيض جو مقبول مرڪز آهن. پاڻ پنهنجي روحاني رنگ ۾ رڱي نہ رڳو ولي ڪامل پيدا ڪيائون، پر گڏوگڏ تاريخ جي انقلابي شخصيتن، اديبن ۽ شاعرن کي بہ رڱي ريٽو ڪري نروار ڪيائون. انهن مهڪندڙ ماڻهن جي سٽ ۾ مولانا غلام محمد دين پوري، نثري قرآن مجيد جو پهريون سنڌي مترجم، شاعر، انقلابي اڳواڻ ۽ ڪامل ولي مولانا تاج محمود امروٽي، امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي، عظيم صوفي شاعر ۽ خليفو مولانا ربڏنو هَڪڙو ۽ مشڪوات شريف جي پهرئين سنڌي مترجم ۽ مولانا عبدالغفار خانگڙهيءَ جي فرزند احمد سائين جهڙا، مجاهد ۽ ولي شامل آهن.

حافظ صاحب قادري مسلڪ سان هٽي ڪري مختلف صوفين ۽ اوليائن جي عارفاڻي ڪلام جي ساز سرودن کان سواءِ راڳ جي صورت ۾ ٻڌندو هو. اهو ڪلام گهڻو ڪري سنڌي، هندي، سرائڪي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ پاڻ انهن بزرگن جو ڪلام ۽ ڪنهن پنهنجو ڪلام بہ پيش ڪندا هئا، جنهن جو حاضرين تي وڏو اثر پوندو هو.

حافظ صاحب جو علمي ۽ ادبي مرتبو ايڏو تہ مٿانهون هو، جو وقت جا مشهور عالم، فاضل ۽ شاعر سندن خدمت ۾ حاضري ڀرڻ لاءِ ڀري ڀري کان کَهي اچي حاضر ٿيندا هئا ۽ ساڻن علمي ۽ ادبي رهاڻيون رچائيندا هئا. انهن ۾ درگاهہ علويہ شڪارپور جو سجاده نشين مير علي نواز علوي، بزرگ ۽ شاعر پير محمد اشرف شاهہ ڪاماري وارو، صوفي فقير درياء خان، خوش خير محمد هيسباڻي، فقير غلام حيدر شر، مولانا بهاؤالدين بهائي وغيره جا نالا ذڪر جوڳا آهن.





حافظ صاحب پنهنجي وقت جو ڪامل ولي ۽ وڏو ڏاهو هو. اهوئي سبب هو جو اُن وقت جا مشهور عالم، ڏاها، صوفياء ڪرام ۽ شاعر سندس محفل ۾ شريڪ ٿيڻ پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندا هئا.

پاڻ پنهنجي قائم ڪيل خانقاهہ ۾ ويهي جتي روحانيت، تصوف ۽ سلوڪ جي درس ڏيڻ جو شغل جاري رکيائون، اتي لکڻ ۽ تاليف جو ڪم بہ ڪيائون. سندن اپياس نهايت وسيع هو. اُن وقت جڏهن ڇاپخانا نہ هئا، تڏهن پاڻ پنهنجي ڪتب خاني ۾ مختلف ڪاتبن کان مختلف موضوع جا ڪتاب لکرائي، نقل ڪرائي رکندا هئا. اهوئي سبب هو، جو سندن ڪتب خاني ۾ ناياب ڪتابن جو هڪ اَمُلهہ ذخيرو موجود هوندو هو. انهن ڪتابن ۾ عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ هر قسم جي موضوع، جهڙوڪ: قرآن، حديث، فقهہ، تفسير، تصوف، صرف و نحو، طب، شاعري، اسلامي تاريخ ۽ جاگرافي وغيره تي ڪتاب موجود هوندا هئا. پرچوندي شريف جي ڪتب خاني ۾ موجود ڪجهہ ڪتابن تي سندس دستخط ۽ اپياس جا نشان ملن ٿا. ڪنز قدوري فارسي وقايہ ۽ هدايہ تي سندس مُهرون ثبت ٿيل آهن. سندس مُهر جو نقش هن طرح آهي:

”خاڪ راهِ درمندانِ طريق

فقير محمد صديق“(5)

سندس پنهنجي لکيل تصنيفن ۾ ملفوظات شريف، چهل حديث/ ڪنزالامت ۽ ’رسالو سلوڪ جو‘ اهم آهن.

حافظ صاحب پنهنجي سموري حياتي اتباع شريعت ۽ سنت تي عمل ڪندي گذاري. سندن کائڻ پيئڻ، رهڻ ڪرڻ انتهائي سادو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ نوبت فاقي ڪشي تائين پهچي ويندي هئي. پاڻ سنت نبويﷺ مطابق پهراڻ پائيندا هئا. مٿي تي ڪپڙي ۽ ڪپهہ جي نهيل مخروطي ٽوپي پائيندا هئا. خانقاهہ پرچوندي شريف جي جماعت ۾ اڄ تائين اهو ساڳيو لباس مروج آهي.

شريعت ۽ سنت جي هن پيروڪار، سلوڪ جي بيتن جو شاعر، مرد مجاهد، شيخ المشائخ 74 سالن جي ڄمار ۾ 10 جمادي الثاني 1308هہ تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. سندس وصيت مطابق کيس مسجد شريف جي ڏاکڻي طرف دفنايو ويو ۽ ”ٻن سالن بعد سندس پاڻيٽي ۽ سجاده نشين حضرت حافظ محمد عبدالله سندس مزار مبارڪ مٿان عاليشان روضو شريف تعمير ڪرايو.“(6)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هر سال سندس عرس مبارڪ 10 جمادي الثاني جي موقعي تي خانقاھ پرچوندي شريف ۾ قومي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنس ’حافظ الملت ڪانفرنس‘ منعقد ٿيندي آهي، جنهن ۾ شاعر، اديب، محقق ۽ دانشور حافظ محمد صديق ۽ خانقاھ پرچوندي شريف جي علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ ديني خدمتن تي پنهنجا مقالا پيش ڪندا آهن، جن کي پوءِ ڪتابي صورت ڏئي ’معارف حافظ الملت‘ ذريعي منظر عام تي آندو ويندو آهي. ’حافظ الملت اڪيڊمي خانقاھ پرچوندي شريف‘ طرفان ڇپيو آهي. هي ادارو خانقاھ پرچوندي شريف سان لاڳاپيل بزرگن، خليفن جي سوانح حيات ۽ سندن خدمتن تي ڪيترائي تحقيقي ڪتاب ڇپرائي چڪو آهي.

## ’رسالو سلوڪ جو‘:

حافظ محمد صديقؒ جي شاعريءَ جي ڪتاب ’رسالو سلوڪ جو‘ بابت ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ هئي. هيءُ قلمي نسخو، حافظ صاحب جي فارسيءَ ۾ لکيل ملفوظات شريف سان گڏ، هاڻوڪي سجاده نشين خانقاھ پرچوندي شريف کي، بائجي شريف جي بزرگ ميان عبدالستار (مرحوم) کان هٿ آيو. جنهن لاءِ ’جام عرفان‘ جو مصنف تحرير ٿو ڪري:

”غالباً 1980ع جي ڳالھ آهي تہ پرچوندي شريف جي سجاده نشين فخرالمشائخ حضرت پير عبدالخالق صاحب مدظلهم العالي جي ڪَنن مان اڏامندي خبر پهتي تہ خليفي تاج محمود امروٽي وٽ حافظ الملت جي ملفوظات جو هڪ مجموعو هو، جنهن کي هو هر وقت پنهنجي مطالعي ۾ رکندا هئا . امروٽ شريف سان رابطو قائم ڪرڻ تي خبر پئي تہ ملفوظات جو نسخو خانقاھ بائجي شريف (پنو عاقل سنڌ) منتقل ٿي ويو آهي. آخر بائجي شريف جي مولانا عبدالستار صاحب وٽ بہ ٽي دفعا وڃڻ بعد، ملفوظات شريف جو اصل نسخو مليو.“(7)

فاروق القادري ’رسالو سلوڪ جو‘ جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪري، جيڪو ملفوظات شريف جو فارسيءَ مان اردوءَ ۾ ترجمو ڪندڙ آهي، پر صاحب سجاده نشين ۽ ’رسالو سلوڪ جو‘ جي محقق ۽ شارح سان رابطو ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ ’رسالو سلوڪ جو‘ اصل قلمي نسخو بہ ملفوظات شريف سان گڏ بائجي شريف جي بزرگ ميان عبدالستار کان ئي مليو هو.

حافظ صاحب ڪتاب ۽ قلم کان سواءِ رهي نہ سگهندو هو، اهو ئي سبب آهي جو سهڻي سلوڻي، سادي ۽ منڙي سنڌي شاعريءَ ۾ ’رسالو سلوڪ جو‘ لکيائون. هن رسالي جي ڪتابت جي تاريخ 20 محرم الحرام 1335ھ ڄاڻايل آهي. ڪاتب جو نالو





نور محمد بن حاجي ابراهيم آهي، جيڪو عادلپور ضلعي گهوٽڪيءَ جو رهاڪو هو. حافظ صاحب جي تصنيف ڪيل ملفوظات کان اڳ سندس نالي صرف هيٺيون هڪ بيت مشهور هو:

”لطف سڄڻ دم بدم، قهر سڄڻ گاھ گاھ،
هيئن بہ سڄڻ واھ واھ، هونءَ بہ سڄڻ واھ واھ“(8)

هن رسالي جو اصل قلمي نسخو چوڏهن صفحن تي ٻڌل آهي ۽ ان ۾ بہ سؤ اُٺهٺ (259) آهن. 2004ع ۾ علامہ مير حسان الحيدري چانڊيي صاحب رسالي جو مقدمو ۽ تشريح لکي، جنهن کي ڪتابي صورت ڏيئي پهريون دفعو حافظ الملت اڪيڊمي خانقاھ پرچوندي شريف طرفان ڇپرائي منظر عام تي آندو ويو. سندس ترتيب ڏنل رسالي جي روشنيءَ ۾ هي مقالو رقم ڪيو ويو آهي. سندس تحقيق مطابق ’رسالہ سلوڪ‘ جي 259 بيتن ۾ ڏھ (10) بيت فارسيءَ جا، ٻہ (2) بيت سنڌيءَ جا ۽ هڪ (1) بيت هنديءَ جو، ڪُل تيرهن (13) بيت ڌاريا آيل آهن. فارسيءَ جا ڪي بيت حافظ شيرازي، مولانا جامي، شيخ سعدي ۽ امير خسرو ۽ ٻين جا آهن. سنڌي بيتن مان هڪ بيت شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو ۽ هڪ بيت شاھ لطيف جو آهي. سرائڪي نما هندي بيت ڀڳتي تحريڪ جي سرواڻ شاعر ڀڳت ڪبير جو آهي.“(9)

حيدري صاحب ’رسالو رسلوڪ جو‘ جي مقدمي ۾ انهن بيتن کي نروار نہ ڪيو آهي، پر رسالي اندر انهن بيتن جي نشاندهي ڪئي اٿس، تہ اهي بيت ڪهڙي شاعر جا چيل آهن. اُهي بيت جيڪي رسالي ۾ ڌاريا ڄاڻايل آهن، انهن مان ڪجھ هيٺ ڏجن ٿا:

حافظ شيرازي جو هيءُ فارسي بيت پنهنجي سنڌي بيت ۾ هن طرح ڳنڍي ٿو:
موچارو هن باب ۾ فرمايو آهي،
آئينہ سڪندر جامِ جم است بنگر  تابرتو عرضہ دارد احوالِ ملک دارا.
(بيت : 66، ص: 218)

ترجمو: (حافظ شيرازي) هن باري ۾ ڪيڏو نہ موچارو ۽ سهڻو چيو آهي تہ،
”تنهنجي دل سڪندر بادشاھ جي آئيني (آهري) جمشيد بادشاھ جي پيالي وانگر آهي. هن ۾ جيڪو ماڻهو بہ ڏسندو تہ هن کي دارا بادشاھ (ڪائنات جي سار سنڀال لهندڙ مالڪ الملڪ) جي ملڪ ۽ ملڪوت جي ساري حقيقت نظر ايندي.“

مولانا عبدالرحمان جامي:

در و ديوار من آئينہ شد از كثرت شوق،
هركجا مي نگرم روئي ترامي بينم.

(بيت : 54، ص : 205)

ترجمو: منهنجي گهر جا دروازا ۽ ديوارون (ڪنڌيون) تنهنجي ديدار جي شوق ۽ انتظار جي گهڻائيءَ جي ڪري آهري (آئيني) وانگر چمڪن ۽ جرڪن ٿيون. مان جيڏانهن بہ ڏسان ٿو تہ مون کي رڳو تنهنجو منهن مبارڪ ئي نظر اچي ٿو.

حضرت امير خسرو دهلوي:

من تو شدم تو من شدي من تن شدم تو جان شدي،
ناکس نگويد بعد ازين من ديگرم تو ديگري.

(بيت : 69، ص : 222)

ترجمو: مان 'تون' ٿي ويو آهيان ۽ 'تون'، 'مان' ٿي ويو آهيان. ايتري قدر جو 'مان' تنهنجي لاءِ جسم ٿي ويو آهي ۽ 'تون' منهنجي لاءِ جان ٿي ويو آهي. تان جو اڄ کان پوءِ ڪو ماڻهو ائين نہ چئي سگهي تہ مان ٻيو آهيان ۽ تون ڪو ٻيو آهيان.

شيخ سعدي:

چہ غم ديوار امت را کہ دارد چون تو پشتيبان،
چہ باک ازموج بحر آنراکہ باشد نوح کشتيبان.

(بيت : 73، ص : 226)

ترجمو: امت جي ڪنڌيءَ کي ڪهڙو غم لاحق ٿي سگهي ٿو، جنهن جو سهارو ۽ ٽيڪ ڏيندڙ تو جهڙو محبوبِ خدا (ﷺ) هجي ۽ اُن ماڻهوءَ جي ٻيڙي کي موجن ۽ لهرن کان ڪهڙو خوف ۽ خطرو ٿي سگهي ٿو، جنهن جو ملاح (ناکئو) حضرت نوح عليه السلام جهڙو پيغمبر هجي.

ڀڳت ڪبير:

من مهي تن ماٽي، هم بلوڙڻ هار،
مکڻ ڪبيرا کاليا، ڇاڇ پيتي سنسار.

(بيت : 120، ص : 265)

ترجمو: اسان جو من (اندر، دل، روح) ڏهي يا ڏُڌ جي مثال آهي ۽ اسان جو تن





يا جسم ماٽيءَ (ڏُڌ ولوڙڻ جو ٿاڻُ) وانگر آهي ۽ اسين پنهنجي وجود جي ماٽيءَ ۾ ڏُڌ ولوڙيندا آهيون. اي ڪبير! (طالب) تن ۽ جسم جي مٽي (ماٽيءَ) ۾ روح جي ڏُڌ کي ولوڙي مکڻ تہ اسان پاڻ کائي ڇڏيو آهي، باقي هن جي لسي يا ڇاڇ (يعني دنيا جو مال متاع) سڄو جهان پيو واپرائي.

حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو هيءُ بيت هن رسالي ۾ ڏنل آهي:

پريندي پير پيا، ايندي لٿي اُڃ،
ويڙهي منجهہ سُڃ، لاهي اگهاڙئين.

(بيت : 51، ص : 200)

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو هيءُ بيت بہ رسالي سلوڪ ۾ ملي ٿو:

ڏوهہ تهين جي ڏور، ڪيچ پراهون پند ٿيو،
پاٽان پئي پور، وڪ وڏائي منجهہ واٽڙي.

(بيت : 37، ص : 180)

شاهہ صاحب جو هيءُ بيت ڊاڪٽر گربخشاڻي جي سهيڙيل 'شاهہ جو رسالو' ڇاپو ڇهريون، سر حسيني، داستان يارهين، بيت ستين ۽ صفحي 326 تي هن طرح موجود آهي:

ڏوٿين ڇيس ڏور، ڪيچ اڳاهون پند ٿيو،
پاڻ چڙهئي پور، وک وڏائين وٽري.

## 'رسالو سلوڪ جو' جو موضوع:

حافظ صاحب پنهنجي رسالي ۾ قادري نقشبندي سلسلي جي سمورن ذڪرن، شغلن، لطيفن، مراقبن جي ادا ڪرڻ ۽ پڙهڻ جا طريقا "رسالہ سلوڪ" ۾ ڪولي ٻڌايا آهن ۽ هن سان گڏ روحاني ۽ عرفاني ۽ صوفيانہ اصطلاحن کي استعمال ڪري، انهن کي دائميت بخشي ڇڏي آهي. رسالي سلوڪ جي ابتدا، قادري سلسلي جي مختصر تعارف ۽ قادري ذڪر جي طريقي سمجهائڻ سان ڪئي ويئي آهي ۽ ذڪر دؤران نفس ۽ شيطان کان بچڻ جو عمل بہ ٻڌايو ويو آهي. گڏوگڏ ذڪر لاءِ روحاني قبض ۽ بسط جي ڪيفيتن کي کولي ٻڌايو بيان ڪيو آهي. ذڪر نفي اثبات جو بيان ڪندي حافظ صاحب ڏاڍي سهڻي طريقي سان تصوف جي اهم ترين مسئلي وحدت الوجود کي دليلن سان بيان



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪندي ثابت ڪيو آهي. تصور شيخ ۽ فنا في المرشد تي مفيد بحث ڪيو ويو آهي. تنهن ڪانپوءِ تصفيہ قلب، تزڪيہ نفس ۽ تجلاء روح جا مرحلا ۽ شغل بيان ڪيا ويا آهن. قلب جي حقيقت بيان ڪرڻ کان پوءِ ڇهن لطيفن جو ذڪر پوري تفصيل ۽ وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ سندن شغلن ۽ وردن کي بہ کولي ٻڌايو ويو آهي. قلب ۾ لطيفن جا جيڪي شغل طالب کي ڪمائڻ ضروري آهن، انهن جا طريقا بہ کولي ٻڌايا ويا آهن. شغل اول ذڪر اسم ذات جو. شغل ٻيو اسم ياالله يا هُو جو. شغل ٽيون پاس انفاس علي الدوام جو. شغل چوٿون ڇهن لطيفن کي جڳائڻ جو. اهي سڀ شغل ترتيب ۽ تفصيل سان اهڙيءَ ريت بيان ڪيا ويا آهن، جو نئون طالب بہ پڙهي پُرجهي، پاڻ عمل ڪري تہ سلوڪ جون منزلون طيءِ ڪري سگهي ٿو. پنجون شغل ذڪر سلطاني يا سلطان الاذڪار جي بيان ۾ تہ وري ڇهون شغل نفي اثبات جي بيان ۾ آهي، جنهن ۾ فنا في الله ۽ بقا باالله جي مقامات کي دلڪش، نفع بخش، واضح دليلن ۽ مثالن سان سمجهايو ويو آهي ۽ آخر ۾ پنهنجي مرشد حضرت تنبوَ ڏٽي (سوئي شريف) جو مثال پيش ڪندي مونن تي سر رکي منهن کي چادر سان ڍڪي، مراقبي اندر ويهي ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ ۽ پڻ دعا گهرڻ جو طريقو ٻڌايو ويو آهي.

جيئن تہ حافظ محمد صديقؒ سيد عبدالقادر جيلاني جي قادري سلسلي جو پوئلڳ هو، تنهن ڪري پنهنجي متبرڪ رسالي جي آخر ۾ الله پاڪ جي اسم 'قادر' جو استعمال ڏاڍي سهڻي نموني ڪرڻ فرمايو اٿس. پاڻ فرمائي ٿو:

پورو ٿيو هي نسخو ساڻ قادر جي ڪرما

جڏهن تہ 'رسالئہ سلوڪ' جو پهريون ۽ آخري بيت هيٺين ريت آهن:

گهڻو مشهور ملڪ ۾، جو آهي طريقو مرشدن،
سو آهي طريقو قادري، سين ۾ شغلن.

آخري بيت:

مڙئي شغل ۽ فڪر، ان تي ٿين تماما،
پورو ٿيو هي نسخو، ساڻ قادر جي ڪرما.

'رسالئہ سلوڪ' جي 259 بيتن مان هرهڪ بيت جي سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي بيان ڪئي ويئي آهي. ضرورت ۽ موقع مهل بيت جي تشريح ڪندي، قرآن مجيد جي آيتن، حديث مبارڪن (ترجمي سان) تاريخي حوالن ۽ ٻين صوفي شاعرن جا شعر بہ ڏنا ويا





آهن. محقق ۽ شارح جناب حيدري صاحب "رسالئہ سلوڪ" ۾ موجود بيتن مان هيٺئين فارسي بيت کي حافظ صاحب ڏانهن منسوب ٿو ڪري:

جان بجانان ده وگرنہ از تو بستاند اجل،
خود تو منصف باش حافظ آن نکو يا اين نکو.
(بيت : 244، ص : 96)

ترجمو: ساهہ محبوب کي ڏي، نہ تہ موت وٺي ويندو، حافظ تون خود انصاف ڪر، هو چڱو هي چڱو.

جيئن تہ حافظ پنهنجي فارغ وقت ۾ مختلف صوفياء ۽ اولياء ڪرام جو ڪلام ٻڌندو هو، تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ صوفياڻي رنگ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. گڏوگڏ ۽ مختلف صوفي شاعرن جو متس اثر هو نظر اچي ٿو، جهڙوڪ: حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو:

تون چئو الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ،
تن هنئين سان گڏ، سچڻ ساهہ پساهہ ۾.

لڳ ڀڳ اهو ساڳيو خيال، حافظ صاحب هن ريت پيش ڪري ٿو:

آهي آلله جل شانہُ هڪڙو، ڪونہ ٻيو ري اُن،
اچڻ ڪنان خطرن جي دل کي صاف رکن.
(بيت : 8)

هڪڙي ٻئي هنڌ حضرت صاحبؒ شاهہ صاحب جي هڪ بيت جو عڪس پيش ڪن ٿا، جنهن ۾ شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم اِن اسرار ۾.

حافظ صاحب وري هن ڳالهہ جو عڪس، پنهنجي هڪ بيت ۾ هن طرح ٿا پيش ڪن:

نہ بشر، نہ حور، نہ پري، چوان ڪير آن تو؟
هي سڀ پردا تو اتي، تون ڪو ٽول ٻيو.
(بيت : 78)

شاهہ صاحب هڪ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

چئو تون الله هيڪڙو، وائي ٻي وسار،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تـن ۾ تـنـد تـنـوار، سدا سـپـريـن جـي.

جڏهن ته حافظ صاحب وري هن طرح پنهنجي بيت ۾ اظهار ڪري ٿو:

جـڏهـن سـالـڪ لاالـٰـه الاّ الله چـوي،

تڏهن ماسويٰ الله دل تون سالڪ جي سڀ لهي.

(بيت : 46)

يعني: مالڪ جي زبان تي لاالٰه الاّ الله جو جڏهن ورد اچي، تڏهن سالڪ جي دل جي تختيءَ تان الله جي ذات کان سواءِ باقي هر شيءِ متجي ختم ٿي وڃي، ايتري تائين جو ذاڪر جو پنهنجو وجود به باقي نه ٿو رهي.

'رسالو سلوڪ جو' سلوڪ ۽ معرفت جي راهه جي پانڌيڙن لاءِ سونهون آهي ۽ تصوف جي رمزن سان پُر آهي. جيئن ته تصوف جو روحانيت سان گهرو لاڳاپو آهي، تيئن ان جو ادب سان به گهرو ڳانڍاپو آهي. هن رسالي ۾ ڪجهه بيتن جي مضمون جو تعلق تصوف جي ان شاخ سان آهي، جنهن کي 'وحدت الوجود' چيو وڃي ٿو. ان سببان 'رسالو سلوڪ جو' ادبي اعتبار کان وڏي اهميت رکي ٿو.

اُجيـل وادي طلـب جـو، منجهـه جهـنگـل دنيـا جـي،

ڪري مشاهدو وحدت جو، منجهه آهري ڪثرت جي.

(بـيـت : 52)

هن بيت ۾ 'وحدت الوجود' واري نظريي جي صاف جهلڪ نظر اچي ٿي. حافظ صاحب فرمائي ٿو ته، حق جي ڳولائو ۽ تلاش ۾ نڪتل طالب عشق جي منزل جي واريا سن دڙن ۽ پٽن جو پانڌيڙو، ذاتِ حق جي سڪ جو اُجايل سالڪ، دنيا جي هن جهنگ اندر ڪثرت جي آئيني ۾ وحدت جو مشاهدو ۽ نظارو ائين ڪري سگهي ٿو، جيئن ريگستان جي اُجايل راهيءَ کي اوچتو پاڻيءَ جو تلاءُ نظر اچي سگهي ٿو. اهڙا موقعا عاشقن، سالڪن ۽ ڪاهوڙين کي پلئه پون ٿا.

حافظ صاحب اهل شريعت، سنت ۽ اسلامي تصوف جو پيروڪار هو ۽ وحدت مان ڪثرت واري صوفياڻي ۽ عارفاڻي نقطي ۾ يقين رکندڙ هو. رسالو سلوڪ ۾ هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

ڪـجـا غـيـر، ڪـو غـيـر ڪـو نـقـش غـيـر،

سـويٰ الله، والله مـا فـي الـوجـود.





(بيت : 57)

ترجمو: (الله جي ذات جو) غير ڪٿي آهي؟ غير آهي غير؟ غير جو نقش ۽ نشان ڪٿي آهي؟ خدا جو قسم الله کان سواءِ ته ٻيو ڪو وجود ئي ڪونه آهي.

مطلب ته ڪائنات جي ذري ذري ۾ ذات واحد جو تصور ڪرڻ ڪو شرڪ نه آهي، بلڪ شرڪ ته هن ڳالهه ۾ آهي، جو اسان الله کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ جي وجود کي تسليم ڪريون. ڪائنات ارضي ۽ سماوي جي هر شيءِ جي وجود کي هڪ حقيقت تسليم ڪري اسان چئون ثابت ڪندا آهيون ته غير الله جو وجود آهي. جڏهن ته شاعر چوي ٿو ته، غير الله آهي غير؟ غير جو ته نانءُ نشان به ڪٿي نظر نٿو اچي. اسان ته جنهن پاسي به نظر ڦيرايون ٿا ته رڳو ذاتِ واحد ئي واحد نظر اچي ٿي.

تصوف ۽ صوفياء ڪرام جي تاريخ گواهه آهي ته هر ڪامل ولي ۽ بزرگ 'تصور شيخ' جي وسيلي سان ئي فنا في المرشد جي مقام تي پهتو آهي ۽ فنا في المرشد جي ذريعي سان فنا في الرسول جي منزل طيءِ ڪري پوءِ وڃي فنا في الله ۽ بقا بالله جو رتبو ماڻيو آهي. حافظ صاحب فرمائي ٿو:

جيڪو چڙهي تنهن ٻيڙي ۾، سو امن منجهه ٿئي،

ڪنان طوفانن خيالات، دنيا ۽ آخرت جي.

(بيت :72)

شاعر فرمائي ٿو ته، اولياء ڪرام وٽ به هڪ روحاني ٻيڙي هوندي آهي، جو جيڪو ماڻهو سندن طالب ٿي، پنهنجي مرشد جو تصور ڪندي هن ٻيڙيءَ ۾ چڙهندو ته اهو دنيا ۽ آخرت جي خراب خيالن جي خوفناڪ طوفانن ۽ خطرن کان آجو ٿي، امن، سلامتي ۽ نجات جو مستحق بڻجي ويندو. ڪيس نفس ۽ شيطان جي حملن کان مرشد ڪامل جي صحبت ۽ سکيا ئي بچائي سگهي ٿي.

جنهن طالب کي پاڻهي، بنا ڪنهن ڪوشش جي سلوڪ (معرفت) جو جذبو حاصل ٿئي ته سمجهبو، اها مٿس باري تعاليٰ جي بخشش ۽ آقا جي عطا ۽ خاص نوازش آهي.

جنهن حاصل ٿئي پاڻهين، جذبو سلوڪ سندو،

اي آهي صرف بخشش باري جي ۽ عطا آگي جو.

(بيت : 84)

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته ذات باري تعاليٰ کي نه اسان جي عبادتن جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ضرورت آهي ۽ نه ورد وظيفن ۽ چلا ڪيڻ جي لوڙ آهي. هو ته صالح نيتن جو پارکو ۽ پوتر دلين جو خريدار آهي. هن جي بارگاهه ۾ ڪڏهن ڪڏهن عبادتن جي مٽن ڪي موٽايو وڃي ٿو ته ڪڏهن محبت ذوق و شوق ۽ درد جي هڪ دانهن به اگهامجي وڃي ٿي. حافظ صاحب ستو سنئون ۽ سادن لفظن ۾ ڏس ٿو ڏئي ته:

جيڪو خلاصو سلوڪ جو، موقوف اِت ٿيو،
هڪ صفائي دل جي، نفس پاڪ پيو.
(بيت :87)

يعني سلوڪ جي علم جو خلاصو رڳو دل جي صفائي ۽ نفس جي پاڪيزگي حاصل ڪرڻ تي ٻَڌل آهي. جيڪو طالب ۽ سالڪ پنهنجي نفس ۽ دل کي صاف نٿو رکي سگهي ته سندس سمورا مجاهدا، چلا ۽ ذڪر و فڪر جا شغل چٽ ته ضايع ۽ بيڪار ويا.

حافظ صاحب جو هينئون شعر 'رسالهء سلوڪ' جي انهن شعرن مان آهي، جيڪي عام شاعرن جي پوري ديوان کان وزنائتا آهن. حافظ صاحب فرمائي ٿو:

مست شراب عشق جي ڪي، همت وڏي گهرجي،
همت بلند بايد عشاق مست مي را،
مرد خسيس همت در عاشقان نه گنجد.
(بيت: 189)

ترجمو: عشقِ الاهي واري شراب جي مدمست کي وڏي همت ۽ حوصلو هئڻ گهرجي. جيئن ڪنهن چيو آهي ته، "شراب حق جي مست عاشقن لاءِ وڏي همت ۽ حوصلي جي ضرورت آهي. گهٽ همت وارو ماڻهو سرويچ عاشقن جي صف ۾ ويهڻ جي لائق ئي نه آهي."

مطلب ته عشق حقيقي يعني عشق ذاتِ حق جي شراب مان ڀرپور مست ٿيل عاشق کي وڏي همت درڪار هوندي آهي. شراب الست جي هڪ سُرڪي يا ڍُڪ جنهن به پيتو، ان جي دنيا ئي بدلجي ويندي آهي. حضرت سچل سرمست ڪيڏو نه سهڻو فرمايو آهي:

جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مست و مست مدام!

حافظ صاحب جو سمورو 'رسالو سلوڪ جو' تصوف جي سبقن ۽ رمزن سان سهيڙيل ۽ سينگاريل آهي. هر بيت حق جي راهه جي طالبن ۽ سالڪن لاءِ هموار راهه آهي. آخر ۾ 'رسالئہ سلوڪ' جي موضوع کي رسالي ۾ موجود هن فارسي بيت تي





پورو ڪجي ٿو:

يا جان رسد به جانان يا جان ز تن بر آيد،
جان به جانان ده وگرنه از تو بستاند اجل.

ترجمو: "يا ته منهنجو روح پنهنجي محبوب سان وڃي ملي يا وري منهنجي جان بدن کان ٻاهر نڪري وڃي. پنهنجي جان پنهنجي محبوب تي قربان ڪري ڇڏ، نه ته موت جو فرشتو توکان اهو زوري ڦري وٺندو."

شاعر فرمائي ٿو، اي عاشق! پنهنجي جان پاڻ پنهنجي محبوب جي حوالي ڪر، نه ته اجل جو فرشتو توکان هڪ ڏينهن اها زوريءَ کسي وٺندو، جڏهن ته توکي خبر آهي ته اِها جان هڪ ڏينهن اجل جي حوالي ٿيڻي آهي ته پوءِ اي حافظ! تون پاڻ انصاف سان چئو ته محبت جي جذبي ۽ شوق منجهان پنهنجي جان حقيقي محبوب تي قربان ڪري شهادت جو رتبو ماڻڻ بهتر آهي يا ملڪ الموت جي زور اڳيان جند ڏيڻ سنو آهي؟

## 'رسالو سلوڪ' جي ٻولي ۽ رسم الخط:

'رسالو سلوڪ' جي ٻولي ۽ رسم الخط به صديون پراڻي آهي ۽ ان ۾ معياري لهجو ڪتب آيل آهي. ٻولي سليس آهي، هرويرو ڏکيا لفظ ڪم نه آندل آهن. جيئن ته حافظ محمد صديق پرچونڊوي اُتر سنڌ جو رهاڪو هو، ان هوندي به "رسالي سلوڪ ۾ اهڙي ٻولي استعمال ڪئي ويئي آهي، جنهن کي اتر سنڌ، لاڙ، ڪاڇي، وچولي سنڌ ۽ ڪوهستان جي ڳوٺاڻن ۽ شهرين جي سنڌي لفظن، لهجن ۽ لفظي اُچارن جو هڪ حسين ۽ وڻندڙ گلدستو چئي سگهجي ٿو." (10)

ان جو ڪارڻ اهو ٿي سگهي ٿو ته اِنهن علائقن ۾ سندن عقيدتمند رهندا هئا يا ته اُهي خير برڪت ۽ دُعا جي ارادي سان وٽن ايندا هئا يا وري پاڻ تبليغ جي ارادي سان انهن ڏانهن ويندا هئا. گڏوگڏ حافظ صاحب جي علمي، ادبي، روحاني ۽ سماجي واسطا انهن مختلف بزرگن، صوفين ۽ شاعرن سان هوندا هئا، جيڪي انهن علائقن ۾ وسندين جا رهاڪو هئا. تنهن ڪري حافظ صاحب انهن علائقن جي لفظن ۽ لهجي کي پنهنجي 'رسالو سلوڪ' لاءِ انتخاب ڪيو.

'رسالو سلوڪ' جي تحرير ۽ رسم الخط اڄڪلهه جي مروج سنڌي رسم الخط کان مختلف آهي، ڪجهه نمونا هيٺ بيان ڪجن ٿا:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| رسالي ۾ ڪم آندل رسم الخط | هاڻوڪي صورت |
|---|---|
| گھٽون | گھٽو |
| مشهورن | مشهورين |
| ويهن | وهن |
| انگر | اَگر |
| ونجين | وڃي |
| اهيو | اهو |
| ڏک | ڏک |
| ڪي راتو | ڪير آن تون |
| ننيهي | ننڍي |
| جنهنگري | جنهن گهري |
| اُنجون | اُجو |
| لئي | لاءِ |

اهڙيءَ ريت حافظ محمد صديق پنهنجي رسالء سلوڪ ۾ ڪجهه اهڙا لفظ به ڪم آندا آهن، جيڪي يا ته هاڻوڪي ٻوليءَ ۾ گهٽ ڪتب اچن ٿا يا وري انهن کي بلڪل نئين ۽ انوکي شڪل ڏني اٿن. انهن مان ڪجهه لفظ نموني طور پيش ڪجن ٿا:

| رسالي ۾ ڪم آندل رسم الخط | هاڻوڪي صورت |
|---|---|
| هيڪڙي | هڪڙي |
| پويس | پئيس |
| پانهنجي | پنهنجي |
| معاملو | مامرو |
| تيسين | تيستائين |
| ايءَ | اهو، هيءَ |
| آگو/ آگا | آغو/آغا |
| جئٽو | ساڃو (سڃو) |
| ڏائو | ڪاٻو (ڪٻو) |
| ستي | وجهي (ڦِٽي ڪري) |





| | |
|---|---|
| پانهڻ | پهڻ |
| هَر هري | هر هر |
| هَري هَري | هلي هلي يا لُڏي لُڏي |

’رسالو سلوڪ‘ ۾ استعمال ٿيل ڪي لفظ اهڙا به آهن، جن کي حافظ صاحب نئين صورت ڏني آهي. انهن لفظن مان ڪجهه هيٺ پيش ڪجن ٿا:

| رسالي ۾ ڪم آندل رسم الخط | هاڻوڪي صورت |
|---|---|
| حاجِن | حاجين |
| صوفِن | صوفين |
| صفاتِن | صفاتين |
| ذاتِن | ذاتين |
| غبن | غيبن |
| پڪِن | پڪين |

## حوالا


1. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، ’معارفت حافظ الملت‘، حافظ الملت اڪيڊمي، پرچوندي شريف، ڏهرڪي، 1995ع، ص: 18 ۽ 26.
2. سنڌي، عبدالمجيد، ڊاڪٽر، مقالو: ’حافظ الملت حافظ محمد صديق جون روحاني ۽ قومي خدمتون‘، حافظ الملت اڪيڊمي، پرچوندي شريف، ڏهرڪي، 1995ع، ص: 27 ۽ 136.
3. مغفورالقادری، سید ’عبادالرحمٰن‘، فرید بک اسٹال، اردو بازار لاہور، 1991ع، ص:6.
4. انڍڙ، عبدالواحد، ڊاڪٽر، ’ملفوظات مالڪان المعرفت گنجينئہ عرفان‘ جو سنڌي ترجمو، حافظ الملت اڪيڊمي، خانقاهه پرچوندي شريف، ڏهرڪي، 2009ع، ص: 44.
5. مغفورالقادری، سید ’عبادالرحمٰن‘، فرید بک اسٹال، اردو بازار لاہور، 1991ع، ص:34.
6. ساڳيو، ص: 71.
7. فاروق القادری، محمد، سید، ’جامِ عرفان‘، حافظ الملت اکیڈمی، خانقاہ عالیہ بھرچونڈی شریف، ڈہرکی، 2005ع، ص:16 اور 17.
8. انڍڙ، عبدالواحد، ڊاڪٽر، ’ملفوظات مالڪان المعرفت گنجينئہ عرفان‘ جو سنڌي ترجمو، حافظ الملت اڪيڊمي، خانقاهه پرچوندي شريف، ڏهرڪي، 2009ع، ص: 19.
9. سهروردي، حسان الحيدري، مير، ’رسالو سلوڪ جو‘ ڪلام حضرت حافظ محمد صديق پرچوندوي، حافظ الملت اڪيڊمي، خانقاهه پرچوندي شريف، ڏهرڪي، 2004ع، ص: 95، 96.
10. ساڳيو، ص: 98.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair